

## باباجن جي چرڻن ڏاران سکيا

شرڊيءَ ۾ هر آرتوار تي بازار لڳندي هئي. جتي ٻر وارن ڳوٺن مان ڪيترا پنهنجا مال کڻي، دڪان کولي ڏنڊو ڪندا هئا. رواجي ڏينهن تي به منجهند جو مسجد ماڻهن سان ڀرجي ويندي هئي پر آرتوار تي ايتري ته ڀيڙ ٿيندي هئي، جو ڪپاڪيهه ۾ ڪيترن جو دم به گهٽجڻ لڳندو هو. هڪ آرتوار تي انهيءَ ڀڳت هيماڊپنت، چرڻ سيوا ڪري رهيو هو ۽ باباجن جي کابي پاسي وامن راو بابا ويٺو هو. بوٽي صاحب ۽ ڪاڪا صاحب ڏيکشت پڻ اُتي حاضر هئا ته شاما اَڻا صاحب کي چرچو ڪري چيو ته "اوهان جي ڪوٽ جي ٻانهن تي، ٿورا چڻا چنبڙيل پيا ڏسڻ ۾ اچن." اِئين چئي شاما، اُتان کي چڻا لاهي ورتا. پر جڏهن هيماڊپنت پنهنجي مڙيل ٻانهن سڌي ڪئي ته ڪيترا چڻا هيٺ ڪري پيا، ۽ حاضر ماڻهن چونڊي ورتا ته سڀني ۾ اچي ٽهڪڙو پيو.

سڀئي پنهنجا اَنُومان لڳائڻ لڳا، پر اِهي چڻا ڪوٽ جي ٻانهن تي ڪٿان آيا هوندا، اُن طرف

ڪنهن جو بہ ڌيان ڪين ويو ۽ باباجن ڏانهن نهارڻ لڳا. باباجن يڪدم چيو تہ "مهاشيہ اُٺا صاحب کي ايڪانت ۾ چٽڻ کائڻ جي عادت آهي. اڄ آرتوار جي بزار ۾ ويو هوندو، اُتان چٽا وٺي، کائيندو هتي آيو آهي. مان هن جي عادت کان چڱيءَ طرح واقف آهيان ۽ سندس ٻانهن ۾ لڳل يا ڪوٽ مان ڪرندڙ چٽا، اُن جي پڪي ثابتي آهن." هيماڊپنت چيو تہ "باباجي، مون کي ايڪانت ۾ ويهي کائڻ جي عادت ئي ڪانهي، پوءِ اوهين مون تي اِهو دوش ڪئن مڙهي رهيا آهيو؟ اڄ تائين مان شرڊيءَ جي بازار ڏسڻ بہ ڪونہ ويو آهيان ۽ خاص ڪري اڄ تہ مان ٻاهر ئي ڪين نڪتو آهيان، نہ ڪجهہ خريد ڪيو اٿم، پوءِ کاڌم وري ڪئن؟ ڀوڄن ڪرڻ جي وقت، جيڪي منهنجي ڀرسان ويٺا آهن، انهن کي پوري حصي ڏيڻ بنا، مان کائيندو ئي ڪين آهيان."

باباجن چيو تہ "تون برابر سچ بولي رهيو آهين پر ٻڌاءِ تہ سهين، ڀوڄن ڪرڻ کان اڳي، تو کي ڪڏهن منهنجي يادگيري پوندي آهي يا نہ؟ ڇا، مان تو سان انگہ سنگہ ڪين آهيان؟ اِئين ناهي ڇا، تہ تون اول مونکي ارپڻ ڪري، پوءِ ئي کائيندو آهين؟"

مٿين وارتا جو تت آهي، تہ اِندرين، من ۽ بُڌيءَ دئارا، سواد نہ کائڻ کان اڳي، پنهنجي ستگورو جو

سمرڻ ڪرڻ ئي، ڪيس اهي شيون سمرڻ ڪرڻ جي برابر آهن. اِندريون وشي پدارٿن جي خيال ڪرڻ بنا، رهي ڪين سگهنديون. ان ڪري ئي، پوڄن پوڄڻ کان اڳي اهي مال اول ايشور اَرپڻ ڪري پوءِ ڪاڻبا تہ انهن ۾ آسڪتي سياويڪ ناس ٿي ويندي.

ساڳيءَ طرح اسان کي ڪام ڪروڌ ۽ ترشنا آدڪ خراب ورتيون، ايشور کي ارپڻ ڪري، اهي ستگورن ڏانهن لڳائڻ گهرجن. ائين هر روز ڪرڻ سان، پرميشور اسان کي اِنهن ورتين کي پاڻ ڏانهن لڳائڻ ۾ سهائتا ڪندو، خراب ورتيون دُور ٿينديون وينديون ۽ اسان جي هلت چلت ۽ آچرڻ ۾ سڌارو ٿيندو رهندو. سڌاري اچڻ بعد، گوروءَ ۾ پريم وڌندو ۽ شڌ گيان جي پراپتي ٿيندي، جنهن کان پوءِ سرير يا ديهہ بڌي ناس ٿي ويندي ۽ پوءِ ست چت چِتنيہ آنند ۾ لين ٿي ويندي.

واستوَ ۾ گوروءَ ۽ ايشور ۾ ڪو ڀيد ناهي. جيسين اِهو ڀيد پاڪ رهندو، تيسين ايشور جو درشن ملڻ جي اُميد، تہ درلڀ آهي، ان ڪري سڀئي ڀيد پاڪ وساري، گوروءَ ۽ ايشور کي (اَيڪ) هڪ سمجهڻ گهرجي. اِنهي هڪ روُپ ڀاونا سان گوروءَ شيوا ڪرڻ بعد، ايشور ڪرپا پڪ حاصل ٿيندي، جنهن کان پوءِ ٿي، چت جي شڌي ۽ آتم اَنڀوُتي جي واٽ ملندي، ايشور

۾ اوُنهو ۽ ڳُوڙهو ٿي يان لڳندو. سنساري پدارٿن جي
ڇڪ ازخود ناس ٿي ويندي ۽ چت ۾ هر وقت سک
۽ شانتيءَ جو اَنڀؤ رهندو.

"ساچ نام آڌار ميرا، جن ٻکان سڀ گوائيڻان،
ڪرشانت سک من آءِ وسيا، اِڇا سڀ پڄائيڻان."
گور واڻي.

## ڇڻن جي ليلا ۽ سڌامي جي ڪٿا

شري ڪرشن، پنهنجي وڏي ڀاءُ ٻلرام ۽ هم ڪلاسي
سڌامي سان "سانديپن رشيءَ" جي آشرم ۾ رهي،
وديا جو اڀياس ڪندا هئا. هڪ ڀيري ڪرشڻ ۽ ٻلرام
ٻنهي گڏجي "جهنگل" مان ڪاٺيون ڪڍڻ ويا ته رشيءَ
جي اِستريءَ به سڌامي کي ڪاٺين ڪري اچڻ لاءِ
موڪليو، ۽ ٻنهي جي کائڻ لاءِ ڇڻا پڻ سڌامي هٿان
موڪليا. جڏهن سڌامي اچي پهتو ته ڪرشن چيس ته
"مون کي پياس تکي لڳي آهي تورو پاڻي ڏي ته
پيئان." سڌامي چيس ته "بکايل پيٽ سان پاڻي پيئڻ
نقصانڪار آهي، اِنڪري تورو آرام ڪري پوءِ پاڻي
پيئجِ."ليڪن سڌامي آندل ڇڻن جي باري ۾ نه ڪرشن
۽ ٻلرام کي سندن حصو ڏنو ۽ نه کين ٻڌايو ته اوهان
لاءِ مليا آهن.

ڪرشن هٿو ٺڪل، سو سڌامي جي گود ۾ مٿو

رکي ليٽي پيو ۽ گهڙي ننڊ اچي ويس. سدامي اهو وجهه ڏسي چڙا چباڙڻ شروع ڪيا ته ڪرشن پڇيس تـــه "دادا، اوهان جي وات مان ٽڪ ٽڪ جو آواز پيو اچي. ڇا کائي رهيا آهيو؟" سدامي چيو ته "هتي کائڻ لاءِ آهي ئي ڇا؟ تنهن سبب منهنجا ڏند هڪ ٻئي ۾ لڳي جي آواز ڪري رهيا آهــن. سيءُ ايترو گهڻو آهي، جــو "وشڻوءِ جو سهسرنام" جو اُچارڻ به پوري طرح نٿو ڪري سگهان."

اَنترياميِ ڪرشڻ چيس ته "دادا، مون سپني ۾ ڏٺو ته هڪ شخص، ٻين شخص لاءِ مليل شيءِ کائي رهيو آهي، اوهين تــه اُهي شخص ڪين آهــيو؟" سدامي ٺهه پهه اُتر ڏنو "تون ڪوڙ کائي رهيو آهيان." ڪرشڻ چيس ته "ائين ئي ٿيندو (ايوم اَستوُ) دادا، مونکي خبر آهي ته توهين مون کانسواءِ اَن جو داڻو به وات ۾ ڪونه وجهندا آهيو پر اَڄ ٻڪ جي ستائڻ ڪري، اوهان کان اهو سوال پڇيم. شايد اِهو سپنو ڪوڙو ڏٺو اَٿم."

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي ته سدامي ائين ڇو ڪيو؟ جواب اِهو آهي ته جيڪڏهن سدامي کــي خبر هجي ها ته ڪرشڻ اَنترياميِ آهي ته ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائي ها ۽ نڪي ڪيس اَن جو ڦل ڀوڳڻو پوي ها، ۽ شري ڪرشڻ جهڙي پڪي دوست هوندي به ڪيس غربت جي حياتي ڀوڳڻي نه پوي ها. پر هــوءِ جڏهن سدامي

جي اِستري سشيلا، ڪيس ٻگل چانور (تندل) ڪرشن لاءِ ڀيٽا ڏيئي، ڪرشن وٽ زوريءَ روانو ڪيو، تڏهن ڪرشن اُنتي پرسن ٿي، موڪليل ڀيٽ جي بدلي ۾، "سوني ڪُٽيا" راتوڪي رات ۾ تيار ڪرائي ڏني.

حاصل مطلب اهو آهي تہ اَڪيلو لڪائي کائڻ وارن کي سدامي جي ڪٿا ياد ڪرڻ کپي. "هوتا نہ راکي، اَڪيلا نہ کاءِ - تحقيق دلداني وڃي بهشت جاءِ." (نصيحت نامو.) تنهنڪري جيڪي کائڻ لاءِ ملي، اهو اَول ايشور کي اَرپڻ ڪري، پوءِ کائڻ کپي. باباجن بہ اِها ساکي سکيا، ساري سنگت کي، ڇڻ جي ليلا جي روپ ۾، چرچو ڪري ٻڌائي.

## اَٽا ۽ ماجي وواد کي چرچي ۾ اُڏائڻ

داموودر گهنشيام بابري (اَٽا چنچٽيڪر) باباجن جو ڀڳت هو، جو سياڻو جو بلڪل نہ ٻڌو، سرل ۽ محڪم ارادي وارو هو. ڳالهائڻ ۽ ياشڻ ڪرڻ جو بلڪل چِٽڪ هو ۽ سيتي کي منهن تي ٽوڪي ڏيندو هو. هندي ۾ اُن کي نقد نارائڻ سياڻ وارو چوندا آهن.) ٻاهران وهنواري نموني ۾ بلڪل پڪشت ۽ رکو هوندو هو ليڪن اندر جو اهڙو نشڪپٽ ۽ صاف هو، جو باباجن کيس پيار ڪندا هئا. هيءَ بہ پنهنجي مرضيءَ موجب بابا جي شيوا ڪندو هو.

هڪ منجهند جو، ڀڳت آٽا باباڄن جي ڪاٻي هٿ کي مالش ڪري رهيو هو ۽ بابا جو هٿ ”ڪنڙي“ تي رکيل هو. ٻئي پاسي هڪ ٻرڍ وڏوا وڏڙو بائي ڪؤجلگي، مالش ڪري رهي هئي. باباڄن هن کي ”ما“ ڪري سڏيندا هئا ۽ ٻيا سڀ هن کي ڪؤسي ٻائي ڪري ڪوٺيندا هئا. هوءَ پنهنجن هٿن جون آڱريون ملائي، باباڄن جي بدن کي مالش ڪري رهي هئي. زور سان مالش ڪرڻ ڪري، سندس مٿو هيٺ مٿي ٿي رهيو هو ۽ ٻئي ڀڪا ڀڳت پنهنجي مالش جي شيوا ڪري رهيا هئا.

مالش ڪندي، ٻنهي جو منهن، هڪ ٻئي سان اچي لڳو ته مؤسي بائيءَ چرچو ڪري چيو ته ”آٽا ته اهڙو برو شخص آهي، جو منهنجو منهن چمڻ ٿو چاهي. اڄ وار ٿي ويا آٽس ڏاڍهن ۾ مون کي چمڻ ۾ ڪيس لڳ ٿي ڪاڻ ٿي اچي.“ اهو ٻڌي آٽا جو منهن لعل ٿي ويو ۽ چيائين ته ”تو مونکي ڀڏو ۽ خراب شخص ڪري ڪوٺيو آهي. مان سمجهان ٿو ته تو فساد مچائڻ ٿي سنڌرو ٻڌو آهي ته مان ٻه تيار آهن.“ سڀ ست سنگي کن ڪتڙا ڪري هي مزو ٻڌڻ ۽ ڏسڻ لڳا. باباڄن ٻنهي کي پيار ڪندا هئا ۽ ٻنهي کي شانت ڪرائڻ لاءِ چرچي طور چيو ته ”اڙي آٽا، اڄايو پاڻ ۾ ڇو ٿا جهڳڙو؟ مان ته سمجهان ٿي اٿو ته ماءُ کي چمڻ ۾

ڪھڙو ڏوھ آھي." پوءِ ٻنهي پرلمين جا بُت بند تي وڃي
۽ سنگت کي ڪلندي پيٽ ۾ سور اچي پيو.

## ٽوڪبازي ڪرڻ وارن ٿي ڪاوڙجڻ ۽ کين چنڊ ڪيڻ

باباجن سيٺي پڳتن کي، سندن مرضيءَ موجب شيرا
ڪرڻ جي کلي ڇرواڳي ڏيندا هئا. ٻئي دفعي (ما) مؤسي بائي
خوب زور سان باباجن کي مالش ڪري رهي هئي ۽
ست سنگين چيس ته "ما، ڪرپا ڪري باباجن جي
پيٽ کي اهڙي سخت مالش ڪرڻ بدران، نرم مالش
ڪر، نه ته باباجن جي آندن ۽ ناڙين کي ايذاءُ رسندو."
ته باباجن يڪدم اُٿي، لعل اکين سان، پنهنجو (سٽڪو)
سوٽو يا ڏنڊو ڪڍي، هڪ ڇيڙي کي ٻنهي هٿن جو
زور ڏيئي، پنهنجي ناڀي، (دن) ۾ هنيو ۽ پيو ڇيڙو
زمين تي رکي، پنهنجي پيٽ سان سٽڪي کي هيٺ
دباڻڻ لڳا.

سٽڪو اٽڪل (٣) ٽي فوٽ لمبو هوءِ ڏسڻ ۾ ائين پئي
آيو ته باباجن جي زور لائڻ ڪري، سٽڪو ٽونگ
ڪري پيٽ ۾ گھڙي ويندو ۽ پيٽ ڦاٽي پوندو. ٻر
بابا کي روڪي ڪيرا سيٺي هراس وچان هڪ ٻئي
جا منهن تڪڻ لڳا. دل ۾ چوڻ لڳا ته اجايو "ما"

ڪي روڪيو سين، جو باباجن ڪاوڙجي، پاڻ کي سزا ڏيئي رهيا آهن."

پو جلد ئي باباجن جي ڪاوڙ شانت ٿي ۽ سٽڪو ڇڏي، پنهنجي آسڻ تي وڃي ويٺا ۽ فرمايائون تہ "شيوا ڪندي، ڪنهن تي بہ ٺوڪبازي نہ ڪندا ڪريو." سنگت اهي لفظ ٻڌي، پنهنجا ڪن پڪڙي چيو تہ ٺوڪبازي ڪرڻ کان آئيندهہ لاءِ توبهہ ڪئي سين.

